Sindhi

1086
9/14

विभाग मंत्रालय
_______________ DEPARTMENT|MINISTRY

शाखा
_______________ BRANCH

मंत्रणा संग्रह
Consulation|Collection _______________

संख्या
No. 3233

दिनांक
Date (1) – (P)

विषय
Subject _______________

पूर्व निर्देश
Previous reference

बाद का निर्देश
Later reference

S. No 7.
Dharsan te Kala
Sindhi
3233
Sindhi
IMPERIAL RECORD DEPARTMENT
RECEIVED 18 NOV. 1930

# ڏاراسڻ تي ڪاهه

ڏاراسڻ جو نالو اڄ ڪالهه ڪهڙي هندستانيءَ جي وات ۾ نه آهي؟ اِهو ڏاراسڻ گجرات جي سورت ضلع ۾ هڪ تمام خسيس ۽ ننڍڙو ڳوٺ آهي. جنهن ۾ ماڻهوئي ۴۰۰ يا ۵۰۰ مس رهن ٿا. اِنهيءَ ۽ بلسار جا ڳوٺ پر ۾ اَٿس ۽ ويجهڙي ۾ ويجهڙو ريلوي سٽيشن ڊونگريءَ جو اٿس. سمنڊ جي ڪنڌي تي آهي. اٿي اگريا ذات جا آدمي سرڪار جي پاران ٽيڪي تي لوڻ ٺاهڻ جو ڪم ڪندا آهن. اِهو ٺاهيل لوڻ سرڪاري ڊيپوءَ ۾ رکيو وڃي ٿو. جتان وري ٻين هنڌ وڪري لاءِ موڪليو ويندو آهي. جهڙي طرح ڪراچيءَ جي ڀرسان ماڙيپور جي لوڻ واري ڊيپوءَ ۾ سرڪار لوڻ ٺاراهي موجود رکي ٿي ۽ اتان سنڌ ۾ وڪري لاءِ موڪلي ٿي تهڙيطرح ڏاراسڻ جي نالي به چوڻ ۾ اچي ٿو ته اتان لوڻ ساري گجرات ۾ پهچايو وڃي ٿو.

مهاتما گانڌيءَ هڻ ڏاري سرڪار جي

حڪومت ۾ جيڪي انڌيرَ ۽ خرابيون ٿيون
ٿيون جن هيٺ ويچارا غريب ويا آهن
ڏينهون ڏينهن ڏترا ۽ سقيم حال ٿيندا تن
جي نورت ڪرائڻ لاءِ جو ستياگره يڌ شروع
ڪرڻ کان اڳ وائسراءِ لارڊ ارون کي آخرين
ناموُ لکي موڪليو هو تنهن ۾ چتاءُ ڪيو
هوائينس ته " جيڪڏهن انهن خرابين ۽ انڌيرن جي
نورت ڪرائڻ جو اوهان کو ٻاو ٻيٺي ڪري
ڪو نه سگهيا ۽ منهنجي خط جو اوهانجي هردي
تي ڪو ذرو به اثر ڪو نه ٿيو ته پوءِ مان هلندڙ
مارچ مهني جي ١١ تاريخ پنهنجي آشرم جا اهي
منهنجا ساٿي جي خوشيءَ سان مون ساڻ گڏجي
هلڻ چاهيندا تنکي پاڻ سان وٺي لڪرندس ۽
لوڻ جو قانون وڄي ٽوڙيندا سون. ويچارن
غريبن ۽ اناٿن جي خيال کان انهي ڏيل کي مان
سڀني ٻين ڏيلن کان وڌيڪ پاپي ۽ قهري ٿو
سمجهان ۽ جنهن صورت ۾ خاص ڪري غريبن
۽ اناٿن جي ڀلي ڪاڻ ئي هي آزاد گيءَ جي هلچل
ملڪ ۾ جاري ڪئي ويئي آهي تنهن صورت
۾ اول ئي اول انهيءَ خرابي ۽ انڌيرَ جي لاهڻ
جو اُپاءُ ڪيو وڃي ٿو ۽ تيرس ته مونکي انهي

NATIONAL ARCHIVES LIBRARY
No. 3233
Date 4.4.72
GOVT. OF INDIA

ڳالهه جو آهي ته هيترا سارا سال اسان اهو انرٿ ۽ ظلم ماٺري ڪري ڪٿن ويٺي سٺو!"

مهاتما جهڙي مهاپرش جي مک مان جو وچن نڪتو سو پورو ڪٿن ٿو ٿئي! وائسراء وٽان جڏهن ان اڪرن ۾ نهايت نراسائي جو ۽ رکو جواب آيس تڏهه مهاتما گاندي پنهنجي آشرم جي چوڏهن ستياگرهين سان پوري انجام تي پيري پنڌ ڪري پيو ۽ نڪرڻ وقت اهو پرڻ ڪري نڪتو ته هي منهنجي آخرين لڙائي آهي يا جيءُ مڻائي ڀارت کي آزاد بنائي موٽي اچبو يا ته وري آشرم ۾ پير مور نه پائبو. گجرات جي ڳچ ڳاگي مان وڏو گشت ڪندو ۽ پرچار ڪندو ٢٠ يا ٢٥ ڏينهن بعد وڃي ڏانڊيءَ جي ڳوٺ ۾ ڇانوڻي هڻي وينو ۽ جليانوالا واري قومي هفتي جي پهرين ڏينهن تاريخ ٦ اپريل ١٩٣٠ جي پنهنجن مبارڪ ۽ پوتر هٿن سان لوڻ جي قاعدي کي قبر ۾ دفن ڪري لوڻ ٺاهيو. بس تنهن سڳوري ڏينهن کان پوءِ لوڻ جي قانون ٽوڙڻ ۽ بي قاعدي لوڻ ٺاهڻ جو اتهرڪ ساري ملڪ جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ بجليءَ وانگر پکڙجي ويو ۽ ٿورن ئي هفتن اندر اهڙو ڪو ڇڏو شهر يا ڳوٺ ساري

ملڪ ۾ ڪووچي رهيو جتي اهو نحس ۽ ندورو
قانون نه ٽوڙيو ويو ۽ قومي لوڻ بي قاعدي
نه ٺاهيو ويو.

سرڪار خواه خود اسانجن ڪيترن هندستاني
ليڊرن جن شروع ۾ مهاتما جي ستيا گره هل چل
کي آخر ۾ نه پي آندو ۽ پي سمجهو ته هي
جيتا مڙا ستياگرهي ڇا ڪري سگهندا ۽ ههڙي
انگريز جي زبردست ۾ زبردست سلطنت کي
هي بي هٿيار ڪهڙو لوڏو ڏيئي سگهندا
تن جون هاڻ اکيون اکليون ۽ بنهه وائڙا ٿي ويا.
سرڪار پوءِ ته پنهنجو شينهن وارو پيادو ۽ قاتل
چنبو کولي ظاهر ڪيو ۽ جيڪڏهن سرڪار لوڻ
جي ظلمي ۽ قهري قاعدي ٽوڙيندڙن سيني
ستياگرهين کي قاعدي جي حد اندر صرف
گرفتار ڪري سزائون ڏيندي پيئي اچي ها ته
خير ڪو ڪيس عتاب يا ميار ڏي ها پر هن
بي قياس ۽ بيدردي سرڪار جو اهڙن وقتن تي
هميشه کان آزار جيڪو آهي سو ڏاڍائي
زبردستي ۽ لٽ ڦر بازي تي. پلا
جو هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ ننڍا توڙي وڏا
زالون خواه مرد ٻري پيا ۽ ويا خوب جتي تتي
لوڻ بي قاعدي ٺاهيندا سو ايترن سارن کي

جو گرفتار ڪري ۽ قيد ۾ موڪلي تن جي لاءِ
جيلن ۾ جاءِ ڪئي ۽ تن جي خوراڪ پوشاڪ
ڪاڻ هن ڪتي ڪٽي ۽ ڏيوالي سرڪار وٽ پئسو
ڪٿان اچي! تنهن ڪري پوليس وارن کي
ڇيڪ ماءِ ويو ته وتو ويچارن ستياگرهين تي
موتمار مار جو سٽڪو ۽ ڪٽڪو وجهندا. پوليس
سپاهين ۾ عالم آشڪار ڳالهه آهي ته اڪثر اهڙا
بي علم نڪار ۽ اڻ گهڙيا وڃو تا گڏ ٿين جن ۾
قطرو رحم ۽ ماڻهپي جو ڇنڊي سو به ڪو نه
هوندو آهي تن کي ويتر جا خود سرڪار جي
هشي ۽ ڇرواڳي ملي تن ته وڻ گهوڙو پڌڻ ڪو نه
ڏنو آهي. جن شروع وارن ڏينهن جون
اخبارون ڏيان ڏيئي پڙهيون هونديون تن
پوليس وارن جي حيواني ۽ وحشي روش جا
ذڪر پڙهي پاڻمرادو خوب شيڪارا پيا ۽ دڪ
جا ڳوڙها ڳاڙيا هوندا پر تنهن کان پوءِ جو پوليس
خواه ماتري وارن پاڻ ۾ ملي ويچارن جيتامرن
۽ نردوش ستياگرهين سان انيڪ نمونن ۾ ويل
وهايا ۽ عقوبتون ڪيون آهن سي ته جيڪو ٿو
ٻڌي يا پڙهي تنهنجا لنگ ڪانڊار جو پيا وڃن
۽ سڄي بت کي سياٽو ونيو وڃي ته ڪهڙن ڏينن

۽ راڪاس جي وراڇي چڙهيا آهيون.

مهاتما پوءِ ڏنو تہ لوڻ جو قاعدو تہ جتي تتي ماڻهن ٿوري مٺيءَ ۾ ملائي سرڪار جي هشمت ۽ دٻدٻي جو خاتمو ڪري ڏيکاريو. هاڻي ڪا وک اڳتي کڻجي ۽ سرڪار جو لوڻ ناهڻ جي. هڪ هٽي لڳايو ويٺي آهي تنهنڪري ڪانوڪر هٽي لوڻ ٺاهڻ تان سرڪار جو ٻنه هٽ ڪيائي ڇڏجي. تنهن لاءِ مهاتما گانڌيءَ سٿيو تہ گجرات ۾ جو ڌاراسڻ وارو لوڻ جو ناهڻ جو سرڪاري ڊيپو آهي سو وڃي وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪجي.

مهاتما جهڙو سچ جو اوتار جنهن وٽ وهنوار ئي سداءِ سچ جو هلي جو ڪوڙ ڪپٽ ۽ ٺڳي مان ڇا ڄاڻي تنهن ڌاراسڻ تي حملي ڪرڻ کان اڳ ٺڪي نوڪي صفا کولي وائسراءِ کي اڳوات ٿي چتاءُ ڪيو. پاڻ واري ٻئي خط ۾ تو لکيو تہ ”هريءَ انهيءَ انوساز مون ارادو ڪيو آهي تہ مان پنهنجا سا ٿي ساڻ ڪري ڌاراسڻ ڏي نڪري وڃان ۽ وڃي اتي جيڪو لوڻ جو ڪارخانو آهي تنهنجو قبضو هٿ ڪريان. عام ماڻهن تي اهو وهم وهاريو ويو

آهي ته اهو ڪارخانو ڪن خانگي آدمين جي ملڪيت آهي پر اهو ته صرف ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ هننڪي ڏوکو ڏنو ويو آهي حقيقت ۾ انهي ڪارخاني تي سرڪار جو ضابطو اهڙو ئي آهي جهڙوڪ خود وائسراءِ جي رهڻ واري محلات تي"

وري ساڳي خط ۾ پوليس جي ناجائز ۽ ڏٻ ڏوس واريءَ حيواني ڪارروائين جو ذڪر ڪندي ٿو لکيس ته، "جيسين اهو پياڪ ڏٻ ڏوس وارو راڄ آهستي آهستي ساري هندستان کي گهيري، پائمال ڪري تنهن کان اڳ مونکي دل ۾ آيو آهي ته جيڪڏهين ٿي سگهيس ته اهڙو ڪو وڏ يڪ صفائي صفا ۽ زبردست ۽ دليرانو قدم کڻان (يعني ته ڌاراسڻ تي ڪاهي وڃان) جو توهان جو غصو ۽ غضب ڦري وڃي ان مٿان پوي"

وري ٿو هيٺ لکيس ته "منهنجي لاءِ ڪائرتا جي ڳالهه ٿي ها جيڪڏهين مان توهانکي کولي چٽي طرح نه ٻڌايان ها ته ڪهڙن اختياريءَ وارن هاڻي پنهنجو شيطنهن وارو پياڪ ۽ قاتل چنبو کولي ظاهر ڪيو آهي تس مٿان اُهي ويچارا ستايل ۽ آزاريل ماڻهو جي هاڻوڪي سرڪاري دٻاءُ ۽ ظلم هيٺ هيڏا

ڪشت ۽ درد سهي رهيا آهن ۽ جن جون ملڪيتون ناس ڪيون ويئون آهن سي ائين نه سمجهن ته مان جو مکيه ماڻهو هوس جنهن ڪين هن تحرڪ ۾ ٽپي پوڻ لاءِ همٿايو ۽ تيار ڪيو ۽ جنهن تحرڪ سرڪار جا وڪا اهڙا ته پڌرا ڪيا آهن جو سرڪار هاڻي صفا پنهنجي سچي روپ ۾ ظاهر ٿي رهي آهي تنهن ڪري ائين چوڻ جو سبب نه ٿئي ته ستياگره جي سٿاءِ موجب جيڪو به هاڻوڪين حالتن ۾ حد وڏي ۾ وڏو قدم (يعني ته ڌاراسڻ تي حملو) کڻڻ مون ڪاڻ ممڪن هو تنهن کڻڻ ۾ مون ڪا به ڪوتاهي بلڪل ڪا نه ڪئي.“

بندي جي من ۾ هڪڙي، سائينءَ جي من ۾ ٻي. جيتري ۾ مهاتما گانڌي اهو وڏي ۾ وڏو قدم کڻيئي کڻي، تنهن کان ئي اڳ تاريخ ٥ مئي سرڪار هنکي بنا دريافت بنا ڪنهن مقدمي هلائڻ جي نهه ٻهه هڪ پراڻي مدت خارج قاعدي هيٺ چورن وانگر آڌي راس جو لڪ چوري منجهس لنب مان اٿاري گرفتار ڪري وڃي پونا جي ييرودا جيل ۾ اڪيلي بنديخاني ۾ قابو ڪيو.

رکي رکي نيٺ سرڪار جو مهاتما گنڌيءَ
کي بنديخاني ۾ قابو ڪيو سو انهي نيٺ سان
ته هن جو سر جيڪڏهن ميدان مان نڪري ويو
ته بس پوءِ هل چل ٻڏي ويندي پر سچ جي
پتلي مهاتما گانڌي جي دلائل سچ ۽ نياءَ تي
بيٺل ستياگرهه جي هل چل ساڪا ٻهي وڃڻ
جي آهي؟ مهاتما کي ته اڳيئي سڀڪو پڪي ته
سرڪار مونکي آزاد گهٽي تاءِ قيام ڪو نه
ڇڏيندي سو اڳم ئي پنهنجو جاءِ نشين ٺاهي
ڇڏيو هوائين. هڪدم مسٽر عباس طيبجي مهاتما
جهڙي لايق اڳوان جو لايق پوئلڳ نڪري نروار
ٿيو. ٧٠ ورهين جو پيرسن آهي. بڙودي رياست
۾ اڳي هاءِ ڪورٽ جو جج هوندو هو. هن
بزرگ مسلمان اڳوان وڏ اوسٿا هوندي به ڌاراسڻ
تي ڪاهي وڃڻ جو نڪ ۽ ڳرو ڪم پاڻ تي
هموار ڪيو. تاريخ ١٢ مئي تي مسٽر عباس طيبجي
جلالپور مان ٥٩ ستياگرهين جي سينا ساڻ ڪري
سيپ ڌاراسڻ ۾ پهچي وڃي حملو ڪرڻ وارا هوا.
بمبئي سرڪار به ساڻن مقابلي ڪرڻ لاءِ خوب
سانباها ڪري رکيا هوا. پوليس ڪداني، ٦٠
پوليس سپاهي ۽ ١٠٠ آبڪاري پوليس وارا ساڻ

وٽي جلالپور ۾ وڃي منزل هٽي ويٺو هو ۽
ڪيترين موٽر بسون ۽ لاريون پوليس پارٽ لاءِ
تيار رکيون هيون. ڌاراسڻ جي ڪارخاني جي
چوڌاري بہ سرڪار لوهہ جون تارون لوڙهي
وانگر هڻائي ڇڏيون هيون. ڪليڪٽر مسٽر
عباس طيبجي کي خط لکيو تہ ڪاهہ ڪرڻ جي
خيال کان ٽري وڃو نت ان جا نتيجا بالڪل
خراب ۽ ڀيانڪ نڪري رهندا. جواب ۾ هن
سورهيہ سردار لکيس تہ اوهانجي وڏي مهرباني
مگر اسين پنهنجي ارادي تي مضبوط آهيون ۽
پنتي هٺ وارا قيام نہ آهيون.

تاريخ ١٢ مئي جي صبوح جو جڏهن مسٽر
عباس طيبجي ۽ ٥٩ مهاتما جي آشرم جا چونڊ
ستياگرهي، جن ۾ هڪ سنڌي مسٽر انند هنگوراڻي
بہ هو سي اڳيان ڌاراسڻ ڏي سنيري نڪرڻ
تي هوا تہ ضلع ماجسٽريٽ پوليس ڪماني ۽
٣٠٠ پوليس سپاهين کين گهيرو ڪري اچي اٽي
ئي سو گهو ڪيو. سرڪار وٽ هنيئر آهي هٺ ڪڻ
وار و قصو. اٽيئي پڪريا اٽيئي جيل ويا. ٻڍي
٧٠ ورهيہ جي مسلمان بزرگ کي ٦ مهنا هلڪو
قيد جهڙيو ٻئي مهاشيہ جڳترام کي ٦ مهنا سخت

قيد ۾ ٻين کي ٣, ٣ مهنا سخت قيد آيو.

مسٽر عباس طئبجي اڳيئي مائي سروجني نئڊو بلبل هند کي لکيو هو ته مهاتما گانڌيءَ جي فيصلي موجب منهنجي گرفتاريءَ بعد توکي اڳواڻي ڪرڻي آهي. مائي لکيس ته مان تيار آهيان ۽ هوءَ ١٥ تاريخ کان اڳ وڃي ڌاراسڻ ۾ پهچڻي هئي. انهي وچ ۾ ساري گجرات ۾ ڏاڍو سخت تاءُ ۽ جذبو اچي جاڳيو ۽ چوٽ ۾ آيو ته فقط گجرات مان ٢٠ هزار ستيا گرهي واليئنٽيئر لڪري نروار ٿيڻا آهن. احمدآباد, کيڙا, سورت ۽ بلسار هرهڪ مان ٥ هزار وڃڻا آهن. مسٽر مني لعل گانڌي مهاتما جو شير پٽ ٣٠٠ کن ستيا گرهي وٺي ويو. مسٽر هريداس گانڌي ٢٥ ٻيا واليئنٽيئر وٺي وڃي پهتو. سورت مان ٧٥ والنٽيئر تيار ٿي ويا ۽ مائي سروجني نئڊوءَ سان هڪ وڏو ٽلو بمبئي مان وڃڻو هو.

الہ آباد ۾ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ١٣ تاريخ واري ميٽنگ ۾ مائي سروجني نئڊوءَ کي ڪميٽيءَ وارن صلاح ڏني ته تون ڌاراسڻ واري چڙهائي ۾ نه وڃ ڀلي وقت جو تون هندو مسلم ايڪتا جي سوال جي باري

۾ وڏي ڪارائتو ڪم ڪري سگهنديءَ. مگر
مائي چين تہ مهاتما گانڌيءَ جي آگيا انوسار
مونکي ڌاراسڻ جي چڙهائي لاءِ اوس ئي
وڃڻو آهي.

تاريخ ۱۵ مئي ۾ تنهنڪري نہ رڳو ساري
گجرات بلڪ ساري هندستان جون اکيون ڪنل
هيون تہ ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي. ۵۰۰ کن والنٽيئر
تہ اڳيئي اُتي وڃي پرگهٽيا هوا ۽ ٻيا ٻہ گهڻا وڃڻ
وارا هوا. آخر ڌاراسڻ ۾ تاريخ ۱۵ مئي مائي
سروجني نائيڊوءَ جي مهنداريءَ هيٺ وڏو اٽالو
ستياگرهين جو وڃي گڏيو ۽ سڀ لوڻ واري
ڍيپوءَ جي چوطرف گهيرو ڪري ٻهي ويا.
پوليس وري ڇا ڪيو جو ستياگرهين کي
چوڌاري وڪوڙي ويئي.

صبوح کان وٺي منجهند جي ٽهڻ اس ۾
تان جو رات جو ۹ بجي سوڌو سڀ ستياگرهي
مائي سروجني سوڌا سڪ ئي سڪ اٿي ويٺائي
هوا ۽ نہ چرڻ نہ پرڻ، نہ کاڌو نہ پيتو. گوڙ
جي ماڻهن خصوص زالن کي ڏاڍو تاءُ ۽ قياس
آيو سي سندن لاءِ پاڻي ڪٺي آيا پر پوليس
نہ ڏيڻ ڏنن. آخر هڪ بجي رات جو ڦرلچي

۽ ڪنرر دل پوليس رڳو مائي سروجني لاءِ جو
ڳوناڳا بسترو کڻي آيا هوا سو ڏيڻ جي موڪل
ڏني ۽ ٢ بجي رات جو مس مس سيني کي مائي
۽ پاڻي ڏيڻ قبوليو. ٻيا ڏجي مائي سروجني
جنهن بمبئي جي تاج محل جون موجون ماڻيون
سا هينئر هن ان پٽ ۾ مائي ٽڪر ۽ پاڻي چکي
لاءِ حيران- هي احوال جڏهن انهي ڏهاڙي
اخبار مان هڪ ٻڍيءَ زال کي پڙهي ٻڌايو ويو
ته هنکي اهڙو کهڪاءُ آيو جو چوڻ لڳي ته
”مٺي انگريز کي قياس به ڪو نه پيو ته هٿن
هيٺون سارن جيون کي تو بک اُج ۾ پاهه ڪريان!
شل ڀڳوان کا اهڙي مٺس پير وجهي جو جهٽ
مٺو چٽ پٽ ٿي وڃي!“

ڌاراسن تي پوءِ ڇئني طرفن کان خوب
جبر و حملو ٿيو. ستياگرهين جون جدا جدا
ٽوليون هلان ڪري آيون جن کي پوليس روڪي
بيهاريو پر چڙهايون وبون ذم مان ٿينديون-
پوليس ٿي ٽوليون ١٨٠ ڄڻن جون گرفتار ڪري
وري کين ڇڏي ڏنو. جن وري وڃي ڪاهه
ڪئي- آخر هڪ ٽوليءَ ڄڻن ڪارخاني ۾ پهچي
لوڻ کڻي موٽي ٿي تڏن مٺن بندوقن جي ڳنن ۽

لٺين جو پوليس خوب وسڪارو وڌو. ٦ ستياگرهي سخت زخمجي بيھوش ٿي ڪري پيا. حشام ماڻهن جا ٻه اچي مڙي بيٺا هوا. سرڪاري عملدار منجهي پيا ته هاڻ ڇا ڪجي. ڪمشنر ٻه اچي ويو هو. تاريخ ١٧ مائي سروجني ۽ والنٽيئر جي گهيرو ڪيو ويٺا هوا سي سڀ گرفتار ڪيا ويا پر ڪين ٻاهر پرو وٺي ڇڏي ڇڏيائون. وري سيني جدا جدا ٽولين ٽئين سر چڙهائي ڪئي. مائي سروجني کي عملدارن چيو ته توهان نازڪ بدن توکي اُس جي ڇپيٽ نه اچي وڃي. چيائين ته هتان مونکي ڦٽي ڪٽي وڃو ته ٻي ڳالهه نت ته هن جڳهه تان مان پير به چرڻ واري ٻنهه ڪونه آهيان. تاريخ ١٩ تائين سوين سيتا گرهي وڃي اُتي ڪنا ٿيا هوا. سکن جو هڪ جٿو به اُتي وڃي رسيو هو. پوليس ٢٤٠ ستياگرهي جيڪي پڪڙيا هوا تنکي اُس ۾ ڪري رکيو هو ۽ کو وقت نکو کاڌو نڪو پيتو ڏنو هوائين. سڀ ستياگرهي بهادر ۽ بي پروا ٿيا بيٺا هوا. مائي سروجني ظاهر ڪيو ته تاريخ ٢١ مي تي سڀ آيل ستياگرهي گڏجي عام لڙائي لڳائيندا. والنٽيئر ايترا وڃي ڌاراسن ۾ ڪنا ٿيا هوا جو

پوليس لاءِ مشڪل هو جو ساڻن مقابلو ڪري
سگهي. تنهنڪري اختياريءَ وارا ڪن ٻين قدمن
کڻڻ لاءِ سٽون سٽي رهيا هوا.

لڙائي جو ڏونڪو سڄي ڀڄ هڻڻ لڳو. اها
ستياگره جي اهنسڪ يڌ جا ٻي هٿيار جيئا مرن
هٿيار بند راڪاسن سان جوٽي آهي ۽ سالن جي
ستايل مظلوم قوم زبردست ۽ ظالم حڪومت
جي برخلاف ڪٿي آهي سا نه سمجهو ته مهاڀارت
واري پانڊون ۽ ڪورون جهڙي يڌ آهي؟ ڪي
وري جيڪي سوين لڙايون ۽ جنگيون تواريخن ۾
پڙهيون يا ٻڌيون اٿو تن مان ڪنهن جهڙي
آهي؟ ڪي وري تازو جيڪا خونخوار ۽
موتمار مهاڀاري لڙائي جرمن ۽ انگريز لوڪن
جي وچ ۾ لڳي هئي تنهن جهڙي ڪا آهي؟
هي اهنسا جي هنسا جي برخلاف يڌ بنهه نئي
۽ اوري نموني جي آهي جنهن ۾ هڪ ڌر آهي
سانتيڪي ۽ بنهه اهنسڪ اصل هٿين خالي، نه
جڙيس ڪا لٺ نه ڏڪو، نه هٿيار نه پنوهار ۽
پڪي پرن تي قائم آهي ته ڪهڙي به ٻي ڌر
وٽان جيڪر چار يا حيواني حملت ڪري ٿئي ته
دشمن جي برخلاف آڱر به نه چوري. هوڏانهن

وري ٻي ڌر اُها آهي جنهن وٽ هر طرح جا
قاتل ۽ موتمار هٿيار ۽ ٻنوهار ڪيا، هٿن ۾
لٺيون ڏنڪا ۽ ٻيا اوزار خوب موجود آهن، جن
خود عملدارن جي ڏني هڙا شيطاني ۽ وحشي
ڪم ٻي ڪيا ته ڦٻجي پئي ويا اٿن ۽ جنڪي چوڻ
چائڻ وارو ڪو به ڪونه ٿو ڏسجي.

ههڙي قسم جي يڌ دنيا ۾ ڪڏهن اڳ ڪانه
لڳي آهي. ۽ اها لڙائي جا ديوتائن ۽ دئتن جي
وچ ۾ لڳي رهي آهي تنهن جهڙي دنيا ساري ۾
اهائي ٻهرين يڌ آهي. انهي يڌ جي نتيجي ۾
تنهن ڪري ساري دنيا جون اکيون خوب کليل
آهن ته ڏسون ته اهنسا ڪٿن هنسا تي سوڀ
پائي الڪي. ماري مچائي ٿي.

۲۱ مئي جو ڏينهن جڏهن انهن ٻنهي
ڌرين جي پاڻ ۾ سخت چٽاڀيٽي لڳي سو ڏينهن
هندستان جي تواريخ ۾ دائما ياد رهندو جو انهي
ڏهاڙي هندستان جي ستياگرهي سورمن پاڻ
جهڙين سختين ۽ تعدين مان پار پئي جڳ کي
ثابت ڪري ڏيکاريو ته هندستاني ديس جي
آزاديءَ لاءِ ڪهڙين به آفتن ۽ ڪشٽن سهڻ ۽
قربانين ڪرڻ کان منهن موڙڻ وارا مور نه آهن

۽ ٻيو ته هو پنهنجي ڪيل پڻ تي سوڙانهن ٿي آنا اهڙو پورا رهيا جو ههڙي ڀيانڪ ۽ خونخوار زور زبردستيءَ هوندي به اهنسا کان رتيءَ ماتر به ڪو نه ڦريا.

انهي ڏينهن گجرات ۽ بمبئيءَ مان آيل والنٽيئر لوڻ جي ڍيپوءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ سنبري آيا هوا. هوڏانهن وري سرڪار به ڍيپوءَ جي رکيا ڪاڻ وڏا سانباها ڪري ويٺي هئي. چوڌاري ڪارخانه جي لوه جي تارن جو لوڙهو ڪري ڏياري ڇڏيو هوائون. چوڌاري کاهيون کوٽايون ويئون هيون، جي ڪاڙي پاڻيءَ سان ٽمٽار ڪيون ويئون هيون ۽ ڪيترن هنڌن ۾ ڪنڊا ڇانٽي وڌا ويا هوا. وڏو ڪٽڪ پوليس سپاهين جو اچي ويو هو ۽ جن جن گورن ۽ ديسي عملدارن ڍوليرا ۽ ويرمگام ۾ ستياگرهين سان حيواني ۽ شيطاني جنيون ۽ عقوبتون ڪري پاڻکي مشهور ڪيو هو سي سڀ ڌاراسن ۾ آندا ويا هوا. تنهن کان سواءِ ياري تي ورتلن زخمن جي هڪ باري به موجود رکي هوائون، جنکي لٺيون ۽ ڏکا لوه جي ڇهبن ۽ تندن وارا هٿن ۾ هڪيا هوا. ملٽري وارن کي به ڪو نه وساريو هوائون

آهي به موجود هوا. مطلب ته ويچارن ستياگرهي ديوتائن جي مات ڪرڻ لاءِ سرڪار ڪاسائڪا ۽ راڪشي اُپاءَ هر طرح جا سڀ تيار رکيا هوا.

تاريخ ٢١ سويل ٻنيرڪيءَ جو ستياگرهين شبد ڪيرتن ۽ پرارٿنا ڪئي ۽ مائي سروجني کان آسيسا ورتي، جنهن کين تاڪيد ڪيو ته ڇا به ٿئي پوي، ڪهڙا به ڪشٽ ۽ درد سهڻا پونو ته آهي سانت ۽ صبر ۾ سهي وڃجو پر دشمن جي برخلاف آڱر به مٿي نه ڪجو.

اِنهي بعد ٢ هزار کن ستياگرهين جي اهنسڪ سينا، سيٺي کي ڏس ڪري ته ٻنن ٿي اڇي کادي جون پوشاڪون ۽ مٿن ۾ اڇيون گاندي ٽوپيون پيل آهن سي بلڪل پڪي ارادي ۽ سالم قدمن سان هرڪا ٽولي پنهنجي ڪپتان جي حڪم هيٺ ڪارخاني ڏي وڌي.

”مرينگي ليڪن پيڇي هٽينگي نهي“

هڪ ٽولي امام صاحب، مهاتما گانڌي جي جهوني مسلمان پوئلڳ جي مهنداري هيٺ ٻئي وري مهاتما گانڌي جي شير پٽ مڻي لعل گانڌيءَ ۽ پيون به مسٽر نرهاري پريک ۽ مسٽر پياري لال جي هٿ هيٺ، سرڪار جي بهارين

ڏيڻ ۽ راڪاس جي سامهون ڏوڪينديون
ويئون. پوليس جا لٺين ۽ ڏڪڻ سان خوب
تيار ٿي بيٺي هئي ته هڪل ڪئين ته مٿان اڳتي
وڌيا آهيو، پنهنجي موٽي وڃو پر موٽڻ ڇا جو؟
ستياگرهي سورهن جيتوڻيڪ سمجهو ته اڳتي
سڪاهوچرا سندن لاءِ پسيا رکيا آهن تب ڪاهيندا
ڏوڪيندا هلندا هليا، پنهنجي مائي سروجني
نائڊو سڀ جي فوج جي نگهباني رکندي پي آئي.
ستياگرهين جو وڌڻ ۽ پوليس وارن ڏيڻ
جو مٿن لٺين جو موتمار وسڪارو وڄڻ. ائين
ٿي لٺيون ويچارن تي نردئي هلايون جهٽڪ مٿي
تي ڪٽيائون. لٺين هڻڻ ۾ هرڪو پوليس وارو
ٻئي کان ڪسر پيو وڃي. پنهنجان آفيسر ڪين هشي
ڏيئي پيا وڏي واڪي پڪارين ته ”مارو! مارو!“
هڪ ٻئي پنهنجان ويچارا والنٽيئر ويا ڍهندا ۽
ڪاري پاڻي جي ڪاهي ۾ ڏون ڪرندا. آفيسرن
پاڻ به پوءِ خوب لٺيون هلائي پنهنجا هٿ ٺاريا
لٺين جي ڏڪڻ جا آواز پري پري ماڻهن پئي
پئا. جيڪي ويچارا ڪاهي ۾ ڪري وري ٿي
اٿيا ته تڪ مٿائن پيو وسڪارو ته اٿئي پيا رهيا.
اڌ ڪلاڪ اندر ٣٠٠ کان مٿي ويچارا ستياگرهي

ڦٽجي بي حال ٿي رهيا ۽ ٻئي ڪلاڪ گذرڻ
بعد ڪل ٧٠٠ تائين وڃي ڦٽيلن جو عدد ٻيو ٽن
۾ ١٠ ڪن تہ بلڪل سخت ۾ سخت زخمجي
رهيا هوا.

جنگ جي ميدان مان ڦٽيلن کي کڻي وڃڻ
لاءِ گاڏيون ۽ والنٽيئرن جا جٿا ستياگره ڇانوڻي
وارن اڳيئي موجود ڪري رکيا هوا مگر اڪيچار
ستياگرهي جو ڦٽجي پيا هوا تن لاءِ ڪافي بندوبست
ڪونہ هوا. ويتر جو چوڌاري پاڻي سان ٽمٽار
ڪاهي کڏايل هئي تنهن تہ آفت ئي باقي ڏاڍي
ڏکيائي ڪري ڇڏي. ويچارن والنٽيئرن کي
ڦٽيلن کي کڻي اچڻ ڪاڻ پاڻ ۾ مان ترڳي وڃڻو
پيو. ڪيترن ڦٽيلن کي ڪاهن تہ چاڙهي کڻي
آيا. جيتري ۾ ڇانوڻي واري اسپتال ۾ کڻن
کڻي وڃڻ تيتري ۾ ويچارا ڦٽيل ننهڻ اُس ۾
کليل ميدان ۾ پيا رهيا. ڊاڪٽرن اتي ئي ڇا ڇي
سندن مرهم پٽي جو بندوبست ڪيو. ٢ ڪلاڪ
ويچارا اتي ئي اُس ۾ سڙيا. ڳوٺ جي زالن کي
جو قياس پيو سي زار زار روئن بہ پيئون ۽ ڦٽيلن
جي شيوا ۽ ٽهل ٽڪور بہ خوب پيئون ڪن. باهريون
سڄو ميدان ڄڻڪ هڪ شاهي اسپتال بنجي رهيو

هو. ستياگرهين جووري ست ڪهڙو جو وات
مان ڪا ڪيڪ يا دانهن يا آهه نڪرين سا
اصل نه صبر ۽ سنتوک سان سڀ پئي سنائون.
جس ههڙن جي پيءُ ماءُ کي جن ههڙا لعل ڄڻي
ڀارت جو منهن مٿي ڪيو آهي!

سرڪاري ماڻهن جي خبيثائي ۽ حيوانيت
بي ڪهڙي؟ جو ويچارا ستياگرهي جي اڳيئي ڦٽيا
۽ رتو ڇاڻ ٿيا پيا هوا تن کي ڇاڻي واڻي ڪاري
لوڻ واري پاڻي ۾ گهلي ڪري ڦٽو ڪيائون
جنهنڪري ويچارن جا ڦٽ باقي به چڪڻ لڳا!
ڪهڙي به خوفناڪ ۽ خونخوار جنگ لڳندي آهي
تنهن ۾ ڦٽيلن جي کڻي وڃڻ لاءِ جيڪي والنٽيئر
۽ گاڏيون هونديون آهن تن جو اهڙو سڀڪا ذر
لحاظ ۽ اونو رکندي آهي جو انهن جو ذَلو به
ڪو نه ڳنهندا آهن. هت انهن سرڪاري ڊئتن
۽ راوڻن انهن تي به خوب مارو وڌو ۽ وڏيون
رنڊڪون ۽ اڙتيون وجهڻ لڳن.

مسٽر ويب ملر جو آميرڪا جي ٨٠٠
اخبارن جو عيوضي ٿي هت آيل آهي سو اها ستياگره
جي اهنسڪ يد ڌسڻ لاءِ بمبئي مان ڌاراسڻ ويل
هو. صبوح واري لڙائي وقت هو پاڻ حاضر هو ۽

ڏاڍي ڏک وچان چوڻ لڳو تہ مون بہ ڪيترين لڙاين اکين سان ڏٺيون آهن پر هيڙي اهنسا جي هنسا جي برخلاف يڌ مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺي. جيڪڏهين اکين سان نہ ڏٺي هجيم ها تہ اعتبار ئي ڪونہ اچيم ها تہ هيڙي ڪا ڪاسائڪي ۽ حيواني روش هاڻ ۾ آئي هوندي، ڪنهن بہ بي لڙائي ۾ مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو تہ هڪ واري ڦٽيلن تي وري پيو گهمرو ڪٽي ڪو مارو ٿيو.

ٻئي طرف جو خوب ٽڪا هوا سو ٿوري ويرم ٻنهي ساهي ڪنڻي ۽ جڏهن پوليس وارا ساهي ڪٽي وري ٻود ۾ آيا تڏهن وري ستياگرهين تي ستڪو وڌائون. ستياگرهين کي لٺين ۽ لڪڻن سان پنيان ڌکي گهلي ۽ گيٽداري ويا ڏاهيءَ ۾ ڦٽو ڪندا. جتان ٻيا والنٽيئر اچي ڪين ڪڍي ڪٽي ويا.

مهاتما گاندي جي پٽ جي مهنداري هيٺ جيڪي والنٽيئر هوا سي لوڙهو ٽپي ٻنهہ در وٽ وڃي پهتا هوا پر جلدئي پوءِ مسٽر مني لال گاندي سندن مهندار گرفتار ڪيو ويو ۽ هڪي هڪ گوري آفيسر خوب لٺيون پنيءَ ڏاريون

وڃائي ڪيون. جلدي پوءِ مسٽر نرهاري پائي
بلڪل نماڻي صورت، جنهن گجرات جي ٻوڏن
وقت اهڙي ته غريبن جي شيوا ڪئي هئي جو
خود سرڪار سندس ساراهه مان نه پئي ڍاپي سو
هڪ وڏي ٽولي ستياگرهين جي وٺي اچي
وڏي ويو ته نڪ لنيون ٻيرن، پٺيءَ ۾ هٿن
ڌاريون لڳي ويس ۽ پوءِ سندس ڳنڍي مٿي
تي جا ڌئنن لت وڃائي سو رت ريلا ٿي وهڻ
لڳس ۽ هو ساڻو ٿي ڪري پيو. اڃا به سندس
والنٽيئرن ڪيس گهيرو ڪري اچي وڏيڪ
حيوانيت کان بچايس! انهي کان پوءِ ٻيو امام صاحب
۽ پيارو لال پڪڙيا ويا تن سو لنين جي چڪا
چوڪي ڪا نه ڪئي. لنين جو وشڪارو هوئي
انهي طرف، هوڏانهن ٻئي پاسي لنين جو رڳو
ميڻهن ڪو نه هو اتي وري تنهن سان گڏ
ستياگرهين مٿان گهوڙا ٽپ ٽپ ڪرائي لنگهائي
هڻن ويچارن کي خوب پئي چٿاريائون. ڪن
ٽورن ستياگرهين جي اتي البت همت هاري ۽
ذرا پرڪڻ لڳا تنکي مائي همٿائڻ ۽
اتساهه ڏيارڻ ويٺي ته مائي کي به ڪري
سوگهو ڪيائون.

اڳوان گهڻو ڪري سڀ ويا هڪ ٻئي پنيان پڪڙبا. والنٽيئر به ويچارا سارو ڏهاڙو هٽي هٽي ڏاڍو ٿڪجي ٽٽجي رهيا هوا سي شام تائين اتي ويهي رهيا. سٽياگرهه ڇانوڻي ڏي ڪري نظر ڪر ته هڪ وڏي شاهي اسپتال بڻجي پيئي هئي. ڪن کي مٿن ۾ ڦٽيون ٻڌيون پيئون آهن ته ڪن کي هٿن ۾، ڪن کي سيني جي چوڌاري، ۽ ڪن کي وري پيرن ۽ ٽنگهن ۾. پر اهي ڦٽيون سندن سورمتا ۽ پهلوانيءَ جا خاصا ۽ عمدا سرٽيفڪيٽ هوا. شام جو پوليس وارن ٨٠ کن سٽياگرهين کي ڇانوڻي مان اچي پڪڙي ڪڇ بند پري ٽيئي ڇڏي ڏنو. رات جو ١٠ بجي پوليس سٽياگرهه ڇانوڻي تي ڪاهي آئي. منجهن ٥٠ پوليس سپاهي ۽ ١٠٠ پلٽڻ جا سک سپاهي هوا. آفيسرن ايندي سان پڌرو ڪيو ته ڇانوڻي بي قاعدي مجموعو آهي ۽ ١٥ منٽن اندر سڀ خالي ڪري هليا وڃن. جن والنٽيئرن جون ڇاتيون ٽٽي آپڙا اچڻ سبب ڏکڻ لڳيون تن کي موڪل ڏني ويئي ته بلاشڪ هليا وڃو ۽ پوءِ به ٢٠٠ سٽياگرهي سورما اتي ڪمپ ڪوڙي ويهي ويا ۽ ويهي گيٽ ڳائڻ لڳا. پوليس پوءِ وسايو اتن

لٺين جو مينهن - سا ڳي اڳين ڏينهن واري ڪار-
ستياگرهين ۾ شانت ۽ صبر ۾ ٻي ڏک ڪاٽا پر
چڙن پڙن اهڙا جهڙي پيت - پوليس پوءِ ڪين ٽنگن
۽ ٻانهن کان پٽي گهاٽ لڳي. اتي ڪِي قتيل
والنٽيئر ۾ ٻيل هوا تنکي ۾ پوليس ڪو نه ڇڏيو
۽ انهن جي ۾ چوکي پوڄا ڪيائون. هڪ ڇوڪري
جي همٿ مان ڦوهي جهنڊو ۽ ٻيو وري ٽنبي
تان لاهي ٻٽي پوليس ڪسي ورتا. آخر والنٽيئرن
کي پوليس وارن ٽنگا ٽولي ڪري ڪٽي وڃي
ڪنڊن واري لوڙهي ۾ ڦان ڪري ڦٽو ڪيو.
ڪلاڪ سڄو اها ڪا سائڪي روش پئي هلي.
تڏهن ۾ ۴۲ ستياگرهي ههڙي ات پٽ جهڙي
حيواني مار پيا سهن پر چرن ئي نه. پوليس اتي
رهزکيڏي ۴۲ ئي کي ڪري ٻڪريو ۽ اڌ ڪلاڪ
بعد هننکي ڳوٺ کان باهر وٺي وڃي ڇڏي ڏنو،
تن مان ۲۰ وري ۾ موٽي ڇانوڻي ڏي آيا ۽
ٻين کي چيو ويو ته اوهين ٻيڻڪ موٽي گهر
هليا وڃو. مسٽر نرهاري پائي جو هاڻ البت
سامت ۾ آيو هو، ۽ سردار واپ پائي جي نياڻي
منو پيڻ ۽ ڪن ٻين جو پوليس ناڻو ڪو نه
ورتو هو. ڇانوڻي ۾ هاڻ شانت ۽ سن

چا لٿجي ويٺي.

تاريخ ٢٣ ضلع ماجسٽريٽ آيو ۽ اچي
چيائين ته چانوٽي خالي ڪري سيگهه هاپا وڃو
نت زوريءَ ڌاهي ڪيڏي ڇڏبو. مسٽر نرهاري
پائي پريکه صفا ڪولي چيس ته اسين چانوٽي
خالي ڪنهن به طرح ڪونه ڪنداسون ۽ جيڪي
والنٽيئر ايندا تنکي واهه جو پاڻ وٽ وهاريندا سون.
منجهند جو ٢٠ پوليس وارا چانوٽي کي گهيرو
ڪري آيا. اج پر تي ماندا ٿيا تنکي ستياگرهين
ٿدو پاڻي هٿن سان پري پاڻ پيارو جيتوڻيڪ
اهي اسانجا پائر ساڳيا هوا جن هڪ ڏينهن اڳي
جنسي هنجو رت ٿي پيتو. ستياگرهين کان
جيڪر گهري وٺن ها ته خوشي سان ميوو به
کائڻ لاءِ ڏين ها پر پوليس وارن جو هڏ هڏ جو
اڪثر مفت جي مال ڦٻائڻ تي هريل هو تن
لڪا ڪٽي هم لڪا تم حڪمان حڪم ميوو
ستياگرهين جو ڪٽي ويهي نوش جان ڪيو.
قصو ڪوتاهه مسٽر نرهاري پائي پريکه جا پاڳه
ڪليا جو لنين جا ڏڪ به کاڌاءِ ۽ جيل به نصيب
ٿيس. سيٺي ستياگرهين کي پاڪر پائي هي
سورمو به وڃي سرڪار جو مهمان ٿيو.

باقي جيڪي ستياگرهي ٻنيان وچي رهيا
هوا تن ڀڪو پرڻ ڪيو تہ مهاتما جو اسانکي
هي ڪم سؤنپيو ويو آهي سو اوس پورو ڪري
ڏيکاريندا سون يا جيل ويندا سون يا مري سر
ڏيندا سون مگر ڌاراسڻ تي قبضو ڄمائڻ کان
ڪو نہ ٽرنداسون. ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽي
انهي وقت ٺهرايو تہ ڌاراسڻ جو حملو ساري
هندستان جو سوال ڪري ليکيو وڃي.

هند سرڪار تاريخ ٢١ مي سڄڻ سارن ٧٠٠
والنٽيئرن جي رت سان پنهنجا هٿ رڱي ڳاڙها
ڪيا هوا جن مان ٣٢٠ اسپتالن ۾ داخل ڪيا ويا
هوا ۽ وري ٢٢ تاريخ ١٥٠ ٻيا ماڻهو ڦٽي وڌا
جن مان ٢٠ اسپتال ۾ نيان ويا. هڪ پهلوان
ستياگرهي سريمت ڀائي لال ڀاڄي ڀائي پٽيل سو
اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ستٽي لنين جي سخت
ڌڪن لڳڻ ڪري چلي رهيو.

هيءَ سرڪار اڄهو اهڙي بنهہ خوني آهي، جا
وٽي هٿ وٺي ماڻهو مارائيندي ۽ جنهن هٿ
اسان جي ملڪ ۾ بادشاهت بہ زور زبردستي ۽
ڪوڙن دولابن سان اڇي ٻڌي ۽ هاڻ هلائيندي بہ
زور زبردستي ۽ ڪوڙن ۽ دولابن سان پيٺي اڇي

۽ پوءِ ٻہ سداءِ ٽورهٽي وارو دم هڻندي اچي ٿو منهنجو راج پورن انصاف ۽ پورن قاعدي تي ٻڌل آهي.

ويچارن پوليس وارن ابوجهن جو ٻہ ڪهڙو ڏوهہ هنن مسڪينن کي ٻہ پيٽ اندوري ڪري لاچار ڪيو آهي. سک پلٽڻ وارا جي ساڻن آيا هوا تن مان ڪن جي اکين مان هنن جي ڪاسائڪي ۽ حيواني مار ڏسي پاڻمرادو لڙڪ ٻي وهيا.

ستياگرهين جي انتري واري ڇانوڻي هاڻي سرييت امبالعل پٽيل جي حوالي ۾ هئي سو ۽ ڊاڪٽر ترڀوونداس ٻنهي تاريخ ٢٥ پڪڙيا ويا ۽ شام جو پوليس وارن اچي ساري ڇانوڻي ڊاهي پٽ ڪري وڌي ۽ جيڪي اندر ستياگرهي هوا تن کي زوري گهلي ٻاهر آڻي ڇڏيائون ۽ جيڪي ڦٽيل پيا هوا تن کي ٻہ کڻي ٻاهر ڪري ميدان ۾ ڦٽو ڪيائون.

مائي سروجني نائڊو کي ٩ مهنا ۽ ٻئي امام صاحب کي ٦ مهنا هلڪو قيد، مسٽر مڻي لال گانڌي ۽ پياري لالا کي هڪ سال ۽ ٻين کي ٦، ٦ مهنا سخت قيد آيو.

انتري ۽ ڌاراسڻ ساڻ پوءِ ١٤٤ قلم لڳايو

ويو جنهن موجب ۴ ماڻهن جي ميڙ کان وڌيڪ ميڙ نہ ٿي سگهيو ٿي ۽ لکڻ، لٺ ۽ ٻئي ڪنهن بہ اوزار کڻڻ جي بندش هئي.

جڏهن بہ سرڪار سخت دٻ دوس ۽ ڌاڌائي ڪئي تڏهن نہ رڳو گجرات پر ساري هندستان ۾ خوب جوش ۽ اتساهہ ويو ڦهلندو تہ ڌاراسڻ جي حملي ۾ وڃي شامل ٿي مهاتما جي وچن کي ٻست ڪري ڏيکاريون!

احمدآباد جي ڪروڙپتي سيٺ رڻڇور امرت لال ٦٥ ستياگرهي ساڻ ڪري ڌاراسڻ تي حملي ڪرڻ لاءِ نڪتو تہ واٽ تي سيٺ پاڻ ۽ ٻندس ساٿي پڪڙيا ويا ۽ ٽيهہ ٽيهہ سزائون اچي ويون. سيني هندن کان تڏهن بہ ٽوليون پي آيون ڊونگري ريلوي اسٽيشن تي سڪ پلٽڻيون ڪري سرڪار ٻهاريون هيون جن کنهن کي بہ لهڻ نہ پي ڏنو پر روڪي بہ ڪيترا روڪيندا، والنٽيئر تب جتان تتان پي ڏوڪيندا ويا.

آخر تاريخ ٣١ مي ستياگرهين وري ٻيو گهمرو ڌاراسڻ جي ڪارخاني تي چڙهائي ڪئي. ١٦٥ سورما ستياگرهي هٿين خالي صبوح جو پرار ٽنا

ڪري ڏئڻ ۽ راڪاسن جي ساموهو ڏوڪيندا
ويا. هڪ ٽولي مهاراشٽرا جي ٻنڪا اوزا جي
مهنداريءَ هيٺ ۽ ٻي ڪيڙا مان آيل ستياگرهين جي
ٽولي ٻئي اِيرندي ۽ الهندي طرفن کان ڌار ڌار
ڪاهي وڌنديون هليون. اِيرندي طرف وارا
جدا جدا ٢٥ ۽ ٣٠ جي ٻن ٽولين ۾ جڏهن وڌي
اڳڀرا ٿيا ته ٢٥ ستياگرهين واري ٽولي تي پوليس
وڏو لٺين ۽ ڏنڪن جو موتمار ڪٽڪو ڪنهن وچ ۾
ٻي ٽولي ڏوڪيندي وڃي لوڻ جي ڍڳن تائين
پهتي، پر پوليس پهرين ٢٥ ئي ستياگرهين کي
ماري ساٽو ڪري پڳي ٻئي جٿي جي خوب
پوڄا ڪرڻ. جڏهن ڏٺائون ته مار جو هنن تي
اثر ئي نه پيو ٿئي ۽ جو ٣٠ ئي ستياگرهي ڪپ
ڪوڙي پٽ تي ويهي خوب گيت ڳائڻ لڳا ته
نهايت حيواني ۽ قهري نموني ستياگرهين کي
ماري مات ڪرڻ جو جسم ڏوتن ورتو. ٦ گورا
گهوڙي سوار پنهنجن گهوڙن کي ڀڄائيندا ۽ ٽپ
ٽپ ڪندا خوب ويچارن ويٺلن سانتيڪن
ستياگرهين: مٿان هيٺ مٿي ۽ سچي ۽ ڪابي اچ
وڃ ڪرڻ لڳا. هڪ انگريزي آفيسر کي چيو
ويو ته قتلين جي ڪٽائي وڃڻ جي موڪل آهي؟

تہ ڇپاءِ تہ ٥ منٽ اٿو تن ۾ جهٽ پٽ ڪٽائي وڃون. ٥ منٽن ۾ ڇا ٿي سگهي ها تنهنڪري ويچارا سڀ ڦٿيل منجهند تاءِ اتي پيا هوا جنکي اختياري وارن گهلي ڪنڌن جي لوڙهڻ ۾ ڪري ڦٿو ڪرايو هو جتان هننکي پيا والنٽيئر پوءِ اسپتال ۾ ڪٽائي ويا.

الهندي طرف ڪيڙا وارن کي جڏهن پوليس وارا خوب لٺين سان سٽي ۽ ڪٽي ڊ ڀو ڀڄائي رهيا تہ تڏهن بيوگل جو آواز ٿيو ۽ انهي دم يورپي گهوڙي سوار ڏوڙن وانگر ميدان ۾ اچي پر گهٽيا ۽ ويچارن ڪريلن ۽ ڦٿيلن ستياگرهين کي ائين ڀي ڇتاڙڻ ۽ ڇيپاڻڻ لڳا جڻڪ ڪي زهري نانگ ڏنا هوائون. اڌ ڪلاڪ اندر سڄي ٽولي کي ماري سڄائي پورو ڪري جڏهن ڪيمپ ڪٽي رهيا تہ اهي گهوڙي سوار گورا پريان هڪ اخبار وارو بينل هو تنهن جي پٺيان ڪاهي پيا. وري ٻي ڪيڙا وارن جي ٽولي وڌي تنهن سان بہ ساڳي ڪار ٿي. انهي ڏهاڙي سڄن سارن ١٦٥ ستياگرهين مان ١١١ سخت زخمي اسپتال ۾ وڃي پيا.

تاريخ پهرين جون جيتوٽيڪ اڳين ڏينهن ڌهاڙا ڦهر ۽ ويل ستياگرهين سان وهي چڪا ها

تب کيڙا، احمداباد، ٻروچ ۽ ويرمگام مان آيل ١٦٢
ستياگرهي صبوح جو ڏوڪي ٻاپوءِ ڏي ويا.
تن سان ٻہ ساڳيون عقوبتون ۽ جنيون وهائي
راڪاسن ١٢ ٻجي سوڏو ١١٥ کي ڦٽي ڇڏيون جن
مان ٢٥ کي ڏاڍا سخت ايذاءُ رسيا هوا. هڪ
رت جون الٽيون ڪرڻ لڳو ۽ ٻن ڄريون خوب
ٻي هيون.

هڪ ستياگرهيءَ کي هڪ نرديءَ ۽ نرلڄي
گوري سارجنٽ سڄو ننگو ڪري گڏيا ۾ لت
زوريءَ ٽنبي وڌي. ويچاري لت ڪڍي ڦٽي
ڪئي تہ وري ديت لنگهائي وڌيس. اها تعدي
ويچارن گهڻن ئي گنگدامن سان جمڊوتن ڪئي
هڪ ويچاري جو اهو نازڪ هنڌ سڄي ڊرو ٿي
پيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساڻو ٿيو پيو هو.
وري ٻي حيوانيت ڪهڙي؟ جو هڪ ستياگرهي
انرڌا، هڪ نوجوان جي ٻت ۾ هڪ گوري
سارجنٽ جو ويهي ڪنڍا ٽنبيا هوا سي جڏهن
اسپتال ۾ ڊاڪٽر ويهي هڪ هڪ ڪري ڪڍيا
تڏهن جو رت نيندي وهڻ لڳس ۽ ويچاري
کي جو سور ٿيو سو دوزخ جهڙو.

ٻہ ويچارا ستياگرهي جي سخت ڦٽجي

اڳيئي پيا هوا تنهن کي سرڪاري
ماڻهن مرٽينگ سمجهي ٻاڦ وٽ ڪري رکيو هو،
تنهن کي شام جو وري هنن ڏٺن لوڙهي جي ڪنڊن ۾
ڪري ڦٽو ڪيو هو. انهن مان هڪ کي ٤٠ ڏڪ
لٺين جا ٻت تي ٻينل هوا. گورن سارجنٽن اُتان
گهلي گيندڙي ٻچين ته پنهنجي موٽي ويندا يا
نه؟ جڏهن هنن ٽب چيو ته قيام ڪونه ويندا سون،
تڏهن هڪ گوري سارجنٽ ڇا ڪيو جو پنهنجي
جي وانن ۾ دوسي گپ زورءِ لنگهائي وڌي
۽ ڪٻن گپ ۽ چڪ واري پاٽي ۾ وجهي خوب
غوطا ڏنا ٻاريا. ٢٠ گهمرا ڪن اها ڪار ساٽن ڪٽي
ويئي. جڏهن ساٽا تي ڪري پيا تڏهن سرڪاري
اسپتال ۾ کڻائي وين ۽ جڏهن ٣ ڪلاڪن بعد
هو وري هوش ۾ آيا ته وري اتن لٺين جو سڌڪو
وڌو ويو ۽ پوءِ گهلي ڪري انهن کي پري پري
ڦٽو ڪيائون، جتان شام جو ٦ بجي ديرسان هنن
کي ٻين والنٽيئرن اچي کنيو.

هڪ ستياگرهيءَ جي سيني تي هڪ
پوليس وارو عالم شاهه ۽ ڪي گورا آفيسر پنهنجن
پوليسي گهيٽن سان چڙهي نچڻ لڳا ۽ ولي جو
ويچاري کي ايترا ئون سو ويچارو ساهه ئي نه

ڪٽي سگهي. ٻئي هڪ ستيا گرهي کي سچو اُگهاڙو ڪري نازڪ عضون، ڇاتيءَ ڇيلهه ۽ ٻنيءَ ڏارا عالم شاه خوب ڏڪ وجهايا.

هڪ ستيا گرهي ٢١ مئيءَ واري ڀهرين حملي ۾ ٻه شامل هو تنهنکي جو جم ڏوتن وري هاڻي ٻه ڏنو ته وري آيو آهي، سو هڪ آفيسر جو اچي ڪاٺو سو چوڻ لڳس ته اڄ ڏس ته ڪئن تنهنجو نڪ ٽو ٽي ٽڪر ٽڪر ڪريان ٿو ائين چوندي سان ٻه ڪري جو نڪ ڏاڙو هڻ کي ڏڪ ڦهڪائي ڪڍيائين سو ويچاري جي نڪ مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. تنهن کان پوءِ ٻه ٤ پوليس وارن کان هنکي جهلائي آفيسر گڏيا ڏاريون لنيون وجائي ڪڍيئنس. ٢ ڪلاڪ ويچارو اونگهه پيو هو.

هڪ ستيا گرهي جا پوليس وارن لٺين سان هڏ گڏ اڳيئي پڇي ڦٽا ڪيا هوا اهڙا جو ويچارو ساهه ئي نه پئي ڪڍي سگهيو. ٻه ڪلاڪ بيهوش پيو هو تنهنکي هڪ گوري آفيسر پوءِ لنگوٽي لاهي گڏيا ۽ لڪڻ لنگهايو ٿي ته ويچاري اٽڪل ڪري پاڻ بچايو ته وري اگهاڙي ٻنيءَ ۽ پيٽ تي لڪڻ جو ڏوريو وسي ويس.

هڪ ستياگرهيءَ مسٽر هنمتراءِ بمبئي جي
وليءَ پارليءَ واري، جو ٢١ تاريخ واري ڀرين
حملي ۾ هو سو تو ڳالهه ڪري ته ”مونکي
عالم شاهه صوبيدار ٽي لٺين جا ڌڪ وجائي
ڪٽي ڪاري پاٽي جي ڍاڪي ۾ اڇليو. جڏهن اتان
ماڻ نڪري آيس ته هڪ ڪوٺي ۾ ٽي ڪلاڪ
پوري ڪري ڇڏيائونم ۽ اتي هڪ انگريزي
سولجر مونکي لتون ۽ ٺونشا خوب هنيان ۽ پوءِ
اُس ۾ ڪري زوري وهاري ڇڏيائونم، جتي
ماڻ ساڍو ٽي ويس ۽ جڏهن سامت ۾ وري
آيس ته ڏسان سپاهي ويچارن ٻين ستياگرهين
کي پيا خوب مارون ڪن ۽ آفيسر پيا چون
ته ”آيا آهن ويچارا سوراج وٺڻ! جڏهن نه هنن
مان ڪي سوَ قتل ڪيا ويندا تڏهن ڪو هي
سبق سکندا.“

بمبئي جي هڪ ستياگرهي کي ايترا ڪي
نازڪ انگ تي ڏنڊن ڌڪ هنيان هوا جو رت
جون اُلٽيون اچڻ لڳيس ۽ رت پيشاب ۾
به پئي آيس.

ڪيترا ماڻ آيل مٿور پائي لالو پائي پٽيل ٿو
بيان ڏي ته ”پوليس اسانکي اول ته لڪڻ سان

ماري مڇ ڪيو ۽ لڪڻ اسانکي پيٽ ۾ ٻه هڻيا ن
ويا. پوءِ وري منهنجي ڏوتي لاهي ون
منهنجا نازڪ عضوا اهڙي زور سان لپوڙيائون
جو مان ليٽ ساڳو تي ڪري پيس".

سرييٽ همت لال توڳاڻهه ڪري ته "اسين
۹ ستياگرهي وڃي ٻنهه لوڙهي وٽ پهتا هواسين.
ٻون اڃان هڪ ٻير لوڙهي ۾ وڌ و ته هڪ گوري
سواجر هڪ ميچالي وارو ذم سان ڏڪ وڄائي
ڪڍيم ۽ مان ڪري پيس ۽ لوڙهي جا ڪنڊا
هٿ ۾ چبي ويم. هٿ ٻه ڦٽجي پيم ۽ مٿي مان
رت ٽمندي ڏسڻ لڳو ۽ سڀ ڪپڙا رت ۾
رڱجي پيا. مان لوڻ جي ڍڳن کي ٽي فيٽ ڪن
اوڏو وڃي پهتو هوس ۽ رڳو جيڪڏهن مونکي
اڌ منٽ ڏڪ دير سان هڻيون وڃي ها ته،
جيڪر من جي مراد پوري ڪري وڃي لوڻ جي
ڍڳ تي قومي جهنڊو کڙو ڪريان ها."

مسٽر پرشوتم امين تو بيان ڏي ته "مونکي
۱۵ ڪن لٺين جا سٽڪا پٺيءَ ڏارا ۽ ۵ ڪلهن تي
ڪيا ويا ۽ ڪراين تي ٻه ڏڪ لڳو. تب مان
چـو ٿـو پنتي هٽان! تنهن تي وري پيٽ ڏارا
ڪٽڪا ڪرڻ لڳم تب مان اڌول ٿيو بيٺو

هوس آخر پوءِ ٽي پيرا وڏي پيٽ ۽ نازڪ عضون کان زور سان نپوڙڻ لڳم تڏهن مس پوءِ ساڻو ٿي ڪري پيس". اهو ستياگرهي ڏاين سورن سان مس ساڃهه ۾ آيو ۽ پيشاب بند ٿي ويو هوس سو ٻه گهڙيون مٿن بعد اچڻ لڳس. ٻئي هڪ ستياگرهيءَ کي لٺيون هڻي اهڙو ساڻو ڪري وڌو هوائون جو ويچارو اسپتال ۾ خوب پيو اٿڪي ۽ گيت ڳائي ۽ چوي ته "مونکي ڇڏيو ته مان وڃي لڙڻ ڪٽي اچان".

مٿين بيانن مان پڙهندڙ ڏسي سگهن ٿا ته ويچارن اسانجن ستياگرهي پائرن سان ڪهڙيون نه مها ڪنن ۽ قهري جنيون ۽ عقوبتون سرڪار جي ڏيتن ۽ راڪاسن هٿان ٿي گذريون آهن!

جڏهن هڪ انگريزي منبر بمبئي واري مس بڪنسن ٺني، جا بمبئي ڪائونسل جي سرڪاري ٿاقيل ميمبرهئي تنهن کي، سرڪارجي هن شيطاني ۽ جهنگلي روش تي اهڙي ڪراهت ۽ بچان آئي جو هن ميمبري ڇڏي ڏني ڪئي ۽ تازو جو قيصر هند جو بلو عطا ٿيو هوس سو به ٺوڪتا ڪري ڦٽو ڪيائين ته توهين پڙهندڙ، جن جي خود پائرن ستياگرهين سان ههڙا انيڪ ويل ۽

تعديون وهي رهيون آهن، تنکي اهڙي پڙهي
سپاويڪ ڏاڍو تاءُ ۽ جوش جاڳندو! پر توهان جو
ڪم آهي ته انهي جوش کي هوش جو لغام ڏيئي
اسانجو مهاتما پيارو جو اسانکي اهنسا جو ليڪو
پائي ڏيئي ويو آهي تنهن ليڪي کان رتري به
ٻاهر نه نڪرو ۽ جي ائين نه ڪيو ته جنهن رامائڻ
۾ سيتا پياري جو راوڻ حال ڪيو تنهن توهانجو
به ٿي رهندو. اسانجو فرض آهي ته هي ستياگرهه
جي لڙائي خوب هلائيندا اچون. جيئن اسانجي
اوس ئي ٿيڻي آهي، ڇو جو مهاتما گانڌي جي
چوڻ موجب ستياگرهيءَ جي هار ڪڏهن به ڪانه
ٿيڻ واري آهي. سداءِ سندس جيت ئي آهي.
مهاتما ائين به فرمائي ٿو ته ستياگرهه جو علم
اسانکي سيکاري ٿو ته جيترو به سرڪار پاران گهٽي
۾ گهٽو ڏباءُ ۽ بي قانوني ڏوش هلڻ ۾ ايندي
تنهن آهر جيڪڏهن اسان ڪشت ۽ ڏک برداشت
ڪري سگهياسون ته تيتري وڏي سوڀ ۽
جيءُ اسانکي پلئي پوندي. جيءُ ۽ سوڀ
ستياگرهيءَ جي انهي ۾ آهي ته هو خوشيءَ سان
۽ پاڻ مرادو حد درجي جا ڪشت ۽ سور
سهي ڏيکاري.

ڌاراسن وارو ٻيون ڀيرو ۽ زبردست حملو ٢ ۽ ٣ جون تي ٿيو هليو وري ٦ تاريخ تي ٿيو تنهن کان پوءِ چؤماسي مند جي برسات ڪري حال مهمل رکيو ويو آهي.

تاريخ ٣ گهوڙا جي سرپيت واري مقدم بمبئي ڪائونسل جي اڳين ڪائونسل ميمبر جي مهنداريءَ هيٺ ڌاراسن تي چڙهائي ٿي، جنهن ۾ مسٽر مقدم سميت ٤٠ ستياگرهين کي خوب مارون مليون ۽ گارين جو ٻنڪو ٿيو. مسٽر مقدم تي خاص گارين ۽ مار جو ڦهڪو هو ۽ هو زخمي ٿي پيو. تاريخ ٤ مسٽر مقدم کي خوب لٺيون لڳايون ويئون ۽ گاريون گنديون ۽ فاحش ڏنيون ويئون ۽ پوءِ ٿي گرفتار ڪيو ويو. انهي ڏينهن پوليس ۽ ملٽري وارن کي ستياگرهين کي ماري ماري مڇ ڪرڻ مان پورو ڍؤ ڪونه ٿيو سو ويچارن نردوش ڳوناڻن کي هيسائڻ ۽ انهن ڏکو وهارڻ ڪاڻ گهوڙن تي چڙهي ٽپ ٽپ ڪندا ڳوٺ ۾ گهري پيا ۽ ويچارا غريب واهڻ اچي ٽرٽلي ۾ پيا. هڪ ڳوناڻي ضروري حاجت وينئي لاٿي ته هن تي وڃي ڪتڪو چاڙهيائون ۽ پيو هڪ جڻو مانڊ ڪيو اسپتال وٽ بيٺو هو ته مٿانس

گھوڙو ٽپايو ويو ۽ هو ويچارو بيھوش ٿي ڪري پيو.

ڏاراسن واري پوئين حملي ۾ ڏسندا ته ڄڻ پوءِ ٽڪن ستياگرھين سان ويل ۽ عقوبتون وڌيون زياده ۽ زياده ٿينديون، تنهنجو سبب هيءُ جو ديسي پوليس وارا وري به اسانجا ڀائر آهن تن مان ڪيترن جي دل چيو نه ڪيو ته ڪٿن ويھي ويچارن بي هٿيار ۽ نردوش ستياگرھين سان ويل ۽ عقوبتون وهايون، تن جي پڙائي ڏسي گورن عملدارن کي اچي ڪڙيا ورتو تن اھو ڪاسائڪو ۽ راڪشي ڪم اڪثر پاڻ ڪيو ۽ گورن سارجنٽن کان پڻ ڪرائي پنهنجا سانديل خار خوب هندستانين مان ڪڍيا.

ڏاراسن ۾ جو ويچارن ستياگرھين سان هھڙا ويل وھي ۽ انيڪ جنيون ٿي رهيون تن جا ڏک دايڪ احوال سڻي ۽ اخبارن مان پڙھي پوءِ به اسانجا ڪي سنڌي دل جھلي ۽ همت رکي حملي ۾ وڃي شامل ٿيڻ لاءِ هٿان سنيري نڪتا، تن کي تنهن لاءِ شاباس هجي ۽ وچڙ وقت ماڻهن به پاڻ چڱو ماهايو جو جتان ٿي لنگهيا تتان سنڌن آجيان ۽ آدر ستڪار خوب

پي ڪئي ويئي. خير ان سان هو پوري وقت
تي وڃي ڌاراسڻ جي ڪرڪيشتر ۾ رسيا ۽ تاريخ
٣ حملي ۾ وڃي ٻهرو ورتائون وري تاريخ
٦ ۽ منجهائن ڪي وڃي ٻيو دفعو ۽ ڪاهه ۾
شامل ٿيا. جن منجهائن پوليس جا ڌڪ سنا
تن جس بلاشڪ لهڻو. تاريخ ١٥ سيپ وري
هت موٽي آيا ۽ موٽڻ تي ۽ سندن مرحبا جتي
تتي عاليشان ٿي ۽ ڪن منجهائن ميٽنگن تي
ڌاراسڻ جي حملي ۾ جيڪي حيواني عقوبتون
۽ انيڪ تعديون ستياگرهين سان ٿيون تن جو
اکين ڏٺو احوال اچي ورنن ڪري ٻڌايو.

ساري ملڪ ۾ جو واويلا مچي رهي هئي ته
ستياگرهين سان ڌاراسڻ ۾ ويل ۽ ويلن جهڙا
وهي ۽ انيڪ عقوبتون ساڻن ٿي رهيون آهن ؛
۽ وري جو سرڪار ۽ هميشه جي چال موجب سيپ
ڳالهه بنهه خراب ڪري ويني ته سهي ٿنگون
تي چوٽين لهيڻي ڪا نه. تنهن سبب مسٽر ديوڌر
سرگواسي گوڪلي جو لايق جاءِ نشين، ۽ نرم
خيالن ۽ راين وارو اڳوان جنهنکي سرڪار وٽان
سي آءِ اي جو خطاب عطا ٿيل آهي ۽ جنهن
جو ستياگرهه هل چل سان ڪو ۽ تعلق ڪونهي
سو ۽ هندستان جو مشهور اخبار نويس مسٽر

لتر جن نومبر اڳوان ۽ بمبئي جي مسٽر طيبجي پينشن بردار سمال ڪاز ڪورٽ جو وڏو جج ۽ ٻيا نوم تاريخ ۳ پاڻ روبرو ڌاراسن ۾ حال احوال جاچڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ لاءِ ويا. هو اگرچ ڪارخاني واري هند کان گهڻو دور بيٺل هوا ته به وٽن هڪ يوروپي آفيسر ويو ۽ چيائين ته هتان هليا وڃو نت توهان لاءِ چڱو نه ٿيندو، متان اوهانجن سرن کي نه جوکو رسي. مسٽر ديوڌر پڇس ته مارشل لا ته ڪونه جاري ٿي ويو آهي؟

آخر ٿنهي جيڪي غضب ۽ قهر ستياگرهين سان پي ٿيا سي اکين سان ڏسي اچي اخبارن ۾ پڌرو ڪيو ته جيڪي ٻڌو هوسون سو هو به هو حال وڃي اکين ڏٺوسون ۽ گهورن جي سمبن هيٺ جو ستياگرهي لتاڙيا پي ويا تنهن جي به ساک اچي پرياٿون. انهي کان پوءِ به جي سرڪار ڪوڙ تي سندرو ٻڌي سڀ آلي ويندي ته مرضيءَ جي مالڪ آهي.

تاريخ ٦ جون ڌاراسن جي ڊيپوءَ تي ستياگرهين جو پويون حملو ٿيو. اڳوانن جو خيال هو ته انهي حملي ۾ فقط ڪي ٿورا چونڊ ستياگرهي موڪليا وڃن مگر سڀ اچي لڳا ته هو ويرو اسين سڀ

وڇون، تنهن ڪري ١٥٠ ستياگرهي سنيري
نڪتا. انهن سڀني خوب مارون کاڌيون ۽ پوليس
ساڻن جهڙيون عقوبتون ۽ تعديون ڇڏڻ تهڙيون
ڪيون. سڄا ٧٥ ستياگرهي سخت حالت ۾ اسپتال
نيان ويا. ماروتي سنگهه ۽ ديا ڀائي ٻنهي کي
تازا ڦٽ، صفا بينا هوا تن تي مسٽر اينٽيا پوليس
عملدار جهڙي ديت ٻه قياس آڻي وڌيڪ ڪجهه
نه ڪيو پر اسماعيل ديسائي جي ڪنور ۽ نرديءَ
دل ڪٿان رهي؟ تنهن سپاهين کي حڪم ڪيو
ته خوب ماري وري ماريون تڏهن هي سڪندا
آخر ويچارن کي سپاهين ماري اڌ مئو ڪري وڌو.

ٻئي حملي ۾ تاريخ ٣١ مي کان جون ٦ تائين
سرڪاري حيوانت جو ٻڪ هڪ مرهٽو والنٽيئر
ٿيو جنهن کي پوليس، جي لٺ جو موتمار ڌڪ
اک وارو لڳو هو ۽ مري ويو. تنهن کان سواءِ ٢٣٠٠
ستياگرهين کي لٺين جا ڌڪ لڳايا گهوڙن جي
سنبن هينان لتاريا ويا، ١٢٠٠ ستياگرهين جي
نڪن ۽ واتن ۾ ڪاري مٽي ۽ گپ ۽ لوط دوسي
وڇهي انهن کي پوساٽيو ويو ۽ ٢٢٠ ڄڻا جيل
اماڻيا ويا. ٻلهار سرڪار تنهنجي مڙسي تان!!
جيڪي والنٽيئر ڦٽجي ستياگره اسپتالن

۾ وڃي پيا هوا تن بہ نسبت ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب ۴۵۰ ڦٽيلن مان ۲۷ کي مغز، ۱۶ کي منهن، اکہ ۽ ڪن، ۽ ۱۲ کي ڳچيءَ، ۲۱۶ کي، ڪلهن ۽ ٻانهن، ۷۳ کي سيني، ۵۷ کي مثاني، ۲۲۹ کي پٺيءَ، ۱۹۳ کي گوڏي جي پٺ ۽ چنگهہ، ۱۳ کي گديا ڌارا ڌڪ لڳل هوا. ۱۵ جا هڏ ڀڳا ۽ ۱۰ جا هڏ ٽڪيل هوا، ۽ ۲۵ گهوڙن جي سنبن هيٺان چيپاٽيل هوا ۽ ۴۰ بيهوش ٿي ويا هوا. هڪ کي رت جون الٽيون آيون ۽ ڪن ٽورن جو ۲۴ ڪلاڪن کان زياده پيشاب بند ٿي ويو هو ۽ ڪي وري ساهہ مشڪلات سان ٿي ڪڍي سگهيا، پر تہ ڌڪن لڳڻ سبب ڳالهائي نہ ٿي سگهيا ۽ ڪن هڪ ٻہ مڇهن ڪو نہ هو جنهنکي ۱۵ کان ۲۰ تائين لٺين جا ڌڪ ڪو نہ لڳا هوا.

پوءِ بہ سرڪار چوي ٿہ ڌاراسڻ ۾ ستياگرهين سان مقابلي ڪرڻ ۾ پوليس گهٽ ۾ گهٽ ۽ مناسب طور زور ڪتب آندو. جيڪڏهن انهي کي ٿي سرڪار ڪوڻي گهٽ ۾ گهٽ ۽ مناسب طور زور تہ وڏ ۾ وڏ ۽ نامناسب زور تہ سندس الاجي ڪهڙي نموني جو هوندو. شل

تنهنڪان پرماتما رکي ونيئون!

ماڻي ميران ٻائي (مس سليڊ) مهاتما جي پوروپي چيلڻ سابه تاريخ ٦ ڌاراسڻ ۾ روبرو حال احوال تپاسڻ ڪاڻ ويئي هئي تنهن مهاتما جي "ينگ انڊيا" اخبار جي ١٢ جون واري پرچي ۾ جو حيواني ۽ هيبتناڪ پوليسي روش تي جنسي رنو ۽ ڏک ظاهر ڪيو آهي سو ڪنهن جي به دل کي ڇرڪ پهچائي ڇڏي!

ستياگرهين ٻلي سرڪار جي ڪهڙي ماري آهي؟ ڪري ڪري هنن لوڻ وارو ندرو ۽ قهري قانون ٽوڙيو آهي! تنهن لاءِ هنن سان ههڙيون شيطاني ۽ راڪشي جنيون ۽ عقوبتون ڪهڙي قاعدي هيٺ ٿي رهيون آهن؟ هنن ويچارن جا لنيون هٿي هڏ هڏ ٽڪر ڪرڻ، هنن جي نازڪ عضون، ڇاتين، مٿن تي ڏک وچائي ڪيرائڻ، هنن کي سڀ ننگو ڪرڻ، هنن جون لنگوٽيون زوريءَ ڦاري هنن جي گد پائن ۾ لنيون ٽنبڻ، هنن جا نازڪ انگ زور سان نپوڙڻ، هنن کي ماري ساٽو ڪرڻ، ڦٽيلن کي گينداري گينداري ڦٽو ڪرڻ يا وري مار جو اُن ڪٽڪو وجهڻ هنن جي نڪن ۽ وائن ۾ لوڻ

جو پاڻي يا ڪاري ڳپ ۽ مٽي دوسي وجهڻ يا
هننکي ڪاري ڳپ يا چڪ ۾ اُڇلي ٽپيون ڏيارڻ،
هنن کي گهوڙن جي سنبن هيٺ لتاڙي ڇتارڻ،
هنن جي بتن ۾ ٽاچنيون ۽ ڪنڊا چڀائڻ ۽ ساڻا
ٽيا پيا هجن تنکي اهڙي حالت ۾ ٻه وري مارڻ.
اهي سڀ راڪشي ۽ ڪاسائڪيون روشون
ڪهڙي قاعدي ۽ ڪهڙي قانون هيٺ روا آهن؟
۽ اهي سڀ تعديون ۽ عقوبتون وري ڇڪن سان؟
جن ويچارن گونگين ڳاين جيان سڀ ڪجهه مانڻ
۽ صبر ۾ پي سنو ۽ ٻي ٻه وات مان ڪانه ڪڇي
۽ آگر ٻه جم دوتن جي برخلاف ٻنهه ڪانه چوري!

ههڙا جنهن سرڪار جا ڪرتوت ۽ افعال سا
ڪٿان چاڻي ويني آهي ته هت هندستان ۾
سندس ظلم ۽ قهري راڄ، هن کان ٻوءِ وڏيڪ
جٽاءِ ڪري سگهندو؟

اڄهي سندس ڏينهن اچي پورا ٿيڻ تي ٻيٺا
آهن. نه پانڻي تـه دب دوس ۽ مارا ماري ۽
خونريزي ڪرائي ماڻهن کي هيسائي ۽ دٻائي
وري ويهي سک سانت سان انن راڄ ڪنديس.
ماڻهن جون دليون هاڻ ڪنيون بيٺيون آهن آقي
باقي جيڪا رهت سرڪار هنن ٿورن هفتن ۾

هلي رهي آهي سا وڃي ماڻهن جي دلين ۾ ارادن
کي خوب مضبوط ۽ رڪ جهڙو سخت ۽ ڏاڍو
ڪندي. تنهن ڪري اڄ نه سڀان اسانجو هندستان
آزاد اوس ٿيڻو آهي ۽ اميد ججهي آهي ته سنٿي
ڀارت جا بند خلاص ٿي رهندا، غلاميءَ جون
زنجيرون ڀڃي پرزا پرزا ٿي ويند يس ۽ اسين
هندستاني ورهين جا سڪايل ۽ اساڻيل آزادي پائي جئن
انگريز پاڻ پنهنجي انگلنڊ ۾، جرمن لوڪ جرمنيءَ
۾، جپاني جپان ۾ ۽ فرينچ فرانس ۾ مالڪ مختيار
بڻيا ويٺا خوب الوليون ماڻين، تئن اسين پڻ
پنهنجي پياري ڀارت ۾ مالڪ بڻجي اڳين وڃايل
اوج تي رسي خوب سکيا ۽ آسودا ٿي پيا
گذاريندا سون ۽ وري ڀيو ڀيرو ڪڏهن به ڌاري
کي پنهن جي گهر ۾ پير پائڻ جي موڪل نه
ڏينداسون ته هو " آئي ٿاندي ڪي ٻور چپاڻي
ٿي ويٺي " تنهن وانگر اچي اسانجو گهر ڦري
ڀينگ ڪري ۽ پنهنجو گهر ڀري خوب سائو ۽ آباد
وڃي بڻائيندو.

بندهٔ ماترم